# قَسم جي باري ۾ مدني گل

سنڌي ترجمو





شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه



مکتبة المدينه
(دعوت اسلامي)

# قسم جي باري ۾ مدني گل

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دامَت بَرکاتُهُمُ العَاليه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

## مجلسِ تراجم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**فون نمبر: 021-34921389-90-91**
*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| فرشتا آمين چوندا آهن | 1 | ڳالهہ ڳالهہ تي قسم نہ کڻڻ گهرجي | 21 |
| قسم ڇا کي چئبو آهي | 2 | غلطي سان قسم کنيو تہ؟ | 21 |
| قسم جا ٽي قِسم آهن | 3 | اهڙا لفظ جنهن سا قسم ناهي ٿيندو | 22 |
| ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيره گناهہ آهي | 4 | قسم جا چار قِسم | 22 |
| سڀ کان پهريان ڪوڙو قسم شيطان کنيو هو | 5 | اهڙو قسم جنهن جي ٽوڙڻ ۾ ڪُفر جو انديشو آهي | 24 |
| ڪنهن جو حق مارڻ لاءِ ڪوڙو قسم کڻڻ وارو جهنمي آهي | 6 | ڪنهن شي کي پاڻ تي حرام ڪرڻ | 24 |
| | | غيرِ خدا جو قسم "قسم" ناهي | 25 |
| ڪوڙو قسم کڻڻ واري جا حشر ۾ هٿ پير ڪٽيل هوندا | 7 | ٻي جو قسم ڏيارڻ تان قسم ناهي ٿيندو | 25 |
| | | قسم ۾ نيّت ۽ غرض جو اعتبار ناهي | 26 |
| ستن زمينن جو هار | 8 | آنو نہ کائڻ جو قسم کنيو | 27 |
| بغيرشرعي حاجت جي رستو نہ والاريو | 8 | قسم جا ڪجهہ لفظ | 27 |
| ڪوڙو قسم گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندو آهي | 10 | سرڪار مدينہ جي قسم جا الفاظ | 28 |
| | | حضور جو قسم کڻڻ | 28 |
| يهودين شانِ مصطفيٰ لڪائڻ جي لاءِ ڪوڙا قسم کنيا | 10 | پيءُ جو قسم کڻڻ ڪيئن؟ | 29 |
| | | قسم ۾ ان شاءالله چيو تہ | 30 |
| نيري اکين وارو منافِق | 11 | وڏين مُڇن وارو بدمعاش | 30 |
| جهنم ۾ وٺي وڃڻ جو حڪم ٿيندو | 12 | قسم جي حفاظت ڪيو | 32 |
| ڪوڙو قسم کڻڻ واري واپاري لاءِ دردناڪ عذاب آهي | 12 | بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ جائز آهي پر ڪفارو ڏيڻو پوندو | 34 |
| ڪوڙي قسم سبب برڪت ختم ٿي ويندي آهي | 13 | ظلماً اِيذاءُ ڏيڻ جو قسم کنيو تہ ڇا ڪري؟ | 34 |
| | | طلاق جو قسم کڻڻ کڻائڻ ڪيئن؟ | 35 |
| خنزير جهڙو مُردو | 14 | قسم جو ڪفارو | 36 |
| دل تي ڪارو نڪتو | 15 | قسم جي ڪفاري جا 13 مدني گل | 37 |
| قسم صرف سچو ئي کنيو وڃي | 16 | ڪفّاري جي لاءِ قسم جا شرط | 37 |
| تو چوري ناهي ڪئي | 16 | قسم جو ڪفارو | 37 |
| مؤمن الله تعاليٰ جو ڪوڙو قسم ڪيئن کڻي سگهي ٿو! | 17 | ڪفارو ادا ڪرڻ جو طريقو | 38 |
| | | ڪفاري جي لاءِ نيّت شرط آهي | 39 |
| قرآن کڻڻ قسم آهي يا نہ ؟ | 17 | ڪفاري ۾ ٽن روزن جي اجازت جي صورت | 39 |
| ٻہ عبرت ناڪ فتويٰ | 18 | ڪفارو ادا ڪندي وقت جي حيثيت جو اعتبار آهي تہ روزا رکي يا ... | 40 |
| (1) شرابي قرآن کڻي قسم کنيو پوءِ ٽوڙي ڇڏيو!! | 18 | ڪفاري جا ٽئي روزا لڳاتار هئڻ | 40 |
| | | روزن ذريعي ڪفاري جي لاءِ هڪ شرط | 40 |
| (2) ڪوڙا قسم کڻڻ واري کي جهنم جي ٿهڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا | 19 | ڪفاري جي روزي جا ٻہ احڪام | 41 |
| | | ڪفاري جو مستحق ڪير؟ | 41 |
| ڪثرت سان قسم کڻڻ جي مُمانَعت | 20 | واهہ ڇا ڳالهہ آهي مدني تربيتي ڪورس جي! | 43 |
| قسم جي باري ۾ 15 مدني گل | 21 | | |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قَسم جي باري ۾ مدني گل

شيطان پلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو،
اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي مفيد معلومات ملنديون.

## فرشتا اٰمين چوندا آهن*

**حضرت** سيِّدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان** روايت آهي ته سرڪار مدينهء منوّره، سردار مڪهء مڪرّمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو** فرمان عظمت نشان آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا ڪجهه سَيّاح (يعني سير ڪندڙ) فِرشتا آهن، جڏهن اهي ذِڪر جي محفلن جي ويجهو کان گذرندا آهن ته هڪٻئي کي چوندا آهن: (هتي) ويهو، جڏهن ذِڪر ڪندڙ دعا گهرندا آهن ته فِرشتا انهن جي دعا تي **اٰمين** (يعني ائين ئي ٿئي) چوندا آهن، جڏهن اهي نبي پاڪ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ موڪليندا آهن، ته اهي فِرشتا به انهن سان ملي **درود** موڪليندا آهن ايستائين جو اهي مُنْتَشِر (يعني هيڏانهن هوڏانهن) ٿي ويندا آهن، پوءِ فِرشتا هڪ ٻئي کي چوندا آهن اِنهن خوش نصيبن جي لاءِ خوشخبري آهي ته اِهي مَغفِرت وٺي

* شيخ طريقت، امير اهلسنّت، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”**نيڪي جي دعوت**“ (حصو پهريون) صفحي 134 تي ”قسم جي باري ۾ مدني گل“ موجود آهن، فائدي کي ڏسندي رسالي جي صورت ۾ شايع ڪيا پيا وڃن. **مجلس مڪتبة المدينه**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

(يعني بخشجي) وڃي رهيا آهن.(جمع الجوامع لِلسيوطي ج3، ص 125، حديث 7750)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه گهڻن ماڻهن جو ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻڻ جو رُجحان ڏنو پيو وڃي، ڪئي ڀيرا ڪوڙا قسم به کڻندا آهن، نه توبه جو شعور، نه ڪفاري ڏيڻ جي سمجهه، تنهنڪري اُمت جي خير خواهي جو ثواب ڪمائڻ جي حِرصَ سبب بطور نيڪي جي دعوت ڪجهه تفصيل سان قسم ۽ ان جي ڪفاري جي باري ۾ مدني گل پيش ڪيان ٿو، قبول فرمايو. ان جو شروع کان آخر تائين جو مطالعو يا ڪجهه اسلامي ڀائرن جو ملي ويهي درس ڏيڻ صرف مفيد ئي نه، بلڪ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مفيد ترين ثابت ٿيندو.

## قسم ڇا کي چئبو آهي

قسم کي عربي زبان ۾ ”يَمِين“ چوندا آهن جنهن جو مطلب آهي: ساڄي (يعني سُبتي) پاسي، جيئن ته عرب وارا عموماً قسم کڻڻ يا قسم وٺڻ وقت هڪٻئي سان ساڄو هٿ ملائيندا هئا، انهيءَ ڪري قسم کي ”يَمِين“ چوڻ لڳا، يا وري يَمِين ”يُمن“ مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”برڪت ۽ قوت“ جيئن ته قسم ۾ الله تعاليٰ جو بابرڪت نالو به وٺندا آهن ۽ ان سان پنهنجي ڪلام کي قوت ڏيندا آهن انهيءَ ڪري هن کي يَمِين چوندا آهن يعني برڪت ۽ قوت واري گفتگو. (ملخص از: مِراة

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي . (طبراني)

المناجيح ج 5 ص 194) شرعي اِصطلاح ۾ قسم ان عَقد (يعني عهد ۽ پيمان) کي چوندا آهن جنهن جي ذريعي قسم کڻڻ وارو ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو پڪو (پختو) ارادو ڪندو آهي. (درمختار ج 5 ص 488) مثلاً ڪنهن ائين چيو: ”الله جو قسم! مان سياڻي اوهان جو سمورو قرض ادا ڪندس“ تہ هي قسم آهي.

## قسم جا ٽي قِسم آهن

قسم جا ٽي قسم هوندا آهن: (1) لَغْو (2) غَمُوس (3) مُنْعَقِده

﴿1﴾ **لَغو** هي تہ ڪنهن گذريل يا موجوده اَمر (يعني معاملي) تي پنهنجي خيال ۾ (يعني غلط فهمي جي ڪري) صحيح سمجهي قسم کائڻ ۽ حقيقت ۾ اها ڳالهہ ان جي خلاف (يعني اُبتڙ) هجي مثلاً ڪنهن قسم کنيو: ”الله جو قسم! زيد گهر ۾ ناهي“ ۽ ان جي معلومات ۾ بہ هي هو تہ زيد گهر ۾ ناهي ۽ ان پنهنجي گمان ۾ سچو قسم کنيو پر حقيقت ۾ زيد گهر هو تہ هي قسم ”لَغو“ چورائيندو، هي قسم معاف آهي ۽ ان تي ڪفارو بہ ناهي ﴿2﴾ **غَموس** هي آهي تہ ڪنهن گذريل يا موجوده اَمر (يعني معاملي) تي ڄاڻي واڻي ڪوڙو قسم کڻي مثلاً ڪنهن قسم کنيو: ”الله جو قسم! زيد گهر ۾ آهي“ ۽ اهو ڄاڻي ٿو تہ حقيقت ۾ زيد گهر ۾ ناهي تہ هي قسم ”غَمُوس“ چورائيندو آهي ۽ قسم کائڻ وارو سخت گنهگار ٿيو ۽ اِستِغْفار ۽ توبہ فرض آهي، پر ڪفارو لازم ناهي ﴿3﴾ **مُنعَقِده** هي آهي تہ آئنده

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي . (عبدالرزاق)

جي لاءِ قسم ڪنيو مثلاً ائين چيو: ”رب عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان سڀاڻي توهان جي گهر ضرور ايندس“ پر ٻئي ڏينهن نہ آيو تہ قسم ٽٽي ويو، ان کي ڪفارو ڏيڻو پوندو ۽ ڪجهہ صورتن ۾ گنهگار بہ ٿيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 52)

خلاصو هي آهي تہ قسم کڻڻ وارو ڪنهن گذريل يا موجوده ڳالهہ جي باري ۾ قسم کڻي تہ اهو يا تہ سچو هوندو يا وري ڪوڙو، جيڪڏهن سچو هوندو تہ ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ڪوڙو هوندو تہ ان اهو قسم پنهنجي خيال مطابق جيڪڏهن سچ ۾ ڪنيو تہ هاڻي بہ حرج ناهي، يعني گناهہ بہ ناهي ۽ ڪفارو بہ ناهي، ها جيڪڏهن ان کي خبر هئي تہ مان ڪوڙو قسم ڪنيو آهي تہ گنهگار ٿيندو پر ڪفارو ناهي، ۽ جيڪڏهن ان آئنده جي ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيو تہ جيڪڏهن اهو پورو ڪيو تہ فَبِها (يعني تمام سٺو) نہ تہ ڪفارو ڏيڻو پوندو ۽ ڪجهہ صورتن ۾ قسم ٽوڙڻ جي ڪري گنهگار پڻ ٿيندو. (ان صورتن جو تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي)

## ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيره گناهہ آهي

رسول بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: اللهعَزَّوَجَلَّ سان گڏ شِرڪ ڪرڻ، والدين جي نافرماني ڪرڻ، ڪنهن جان کي قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙو قسم کڻڻ (اهي سڀ) ڪبيره گناهہ آهن. (بخاري ج 4 ص 295 حديث 6675)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# سڀ کان پهريان ڪوڙو قسم شيطان ڪنيو هو

حضرت سيّدنا آدم صفِيُّ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي سجدو نه ڪرڻ جي ڪري شيطان مردود ٿيو، انهيءَ ڪري اهو پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي نقصان پهچائڻ جي تاڙ ۾ هو، الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا آدم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت حوا (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا) کي فرمايو ته جنّت ۾ رهو ۽ جتي دل وڻي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي کائو پيئو، البت هن "وڻ" جي ويجهو نه وڃجو، شيطان ڪنهن طرح حضرت سيدنا آدم ۽ حوا عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وٽ پهچي ڪري چيو ته مان توهان کي "شَجَرِ خُلد" ٻڌايان، حضرت سيدنا آدم صفِيُّ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام منع فرمايو ته شيطان قسم ڪنيو ته مان توهان جو خير خواه (يعني ڀلائي چاهڻ وارو) آهيان، انهن کي خيال آيو ته الله پاڪ جو ڪوڙو قسم ڪير ڪڻي سگهي ٿو! هي سوچي ڪري حضرت سيِّدَتُنَا حوا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا هن مان ڪجهه کاڌو پوءِ حضرت سيدنا آدم صَفِيُّ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڏنو ته انهن به کائي ورتو. (ملخص از تفسير عبدالرزاق ج 2 ص 76) جيئن ته سيپاري 8 سُوۡرَةُ الۡاَعۡرَاف جي آيت 20 ۽ 21 ۾ ارشاد آهي:

فَوَسۡوَسَ لَهُمَا الشَّيۡطٰنُ لِيُبۡدِیَ لَهُمَا مَا وٗرِیَ عَنۡهُمَا مِنۡ سَوۡاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنۡ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّاۤ

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ شيطان انهن جي دل ۾ خيال وڌو جيئن انهن تي ظاهر ڪري انهن جي شرم جون شيون جيڪي انهن کان لڪل هيون ۽ چيائين توهان کي توهان جي رب

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي . (طبراني)

اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۲۱﴾

هن وڻ کان هن جي کري منع فرمائي آهي جو متان توهان ملائڪ ٿي وڃو يا هميشہ جي حياتي وارا ۽ انهن سان قسم کنيائين تہ مان توهان ٻنهي جو خيرخواهہ آهيان.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي تفسير "خزائنُ العِرفان" ۾ لکن ٿا: مراد هي آهي تہ ابليس مَلعون ڪوڙو قسم کڻي ڪري حضرت آدم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڌوکو ڏنو ۽ پهريون ڪوڙو قسم کڻڻ وارو ابليس ئي آهي، حضرت آدم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي گمان بہ نہ هو تہ ڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻي ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو، انهيء ڪري ان جي ڳالهہ جو اعتبار ڪيو.

## ڪنهن جو حق مارڻ لاءِ ڪوڙو قسم کڻڻ وارو جهنمي آهي

رسول ڪريم، رؤُفٌ رَّحيم عَلَيهِ اَفضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسلِيم جو فرمان عظيم آهي: جيڪو قسم کڻي ڪنهن مسلمان جو حق کسي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جهنم واجب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان تي جنّت حرام ڪري ڇڏيندو آهي عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ ٿوري ئي شيءِ هجي؟ ارشاد فرمايو: جيتوڻيڪ ڪبڙ (يعني جار) جي ٽاري هجي. (مسلم ص 72 حديث 218-137) ڪبڙ هڪ وڻ آهي جنهن جي ٽاري ۽ پاڙ مان مِسواڪ ٺاهيندا آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي. (ابويعليٰ)

# ڪوڙو قسم کڻڻ واري جا حشر ۾ هٿ پير ڪٽيل هوندا

هڪ حضرمي (يعني يَمَن جي شهر "حَضَرَ مَوت" جو رهواسي) ۽ هڪ ڪِندي (يعني قبيلي ڪنده جو هڪ شخص) مديني جي تاجوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اَنوَر ۾ يَمن جي هڪ زمين جي باري ۾ پنهنجو جهڳڙو پيش ڪيو، حضرمي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي زمين ان جي پيءُ کسي ورتي هئي، هاڻي اها ان جي قبضي ۾ آهي، ته نبي مُڪَرَّم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇا فرمائي: "ڇا توهان وٽ ڪا گواهي آهي؟" عرض ڪيو: "نه پر مان ان ڪان قسم وٺندس ته الله جو قسم کڻي ڪري چوي ته اهو نٿو ڄاڻي ته اها زمين منهنجي آهي جيڪا ان جي پيءُ غضب ڪئي هئي." ڪِندي قسم کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو ته رسولِ اَڪرم، شهنشاهِ آدم و بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪو (ڪوڙو) قسم کڻي ڪنهن جو مال ڦٻائيندو، اهو بارگاهِ الٰهي ۾ هن حالت ۾ پيش ٿيندو جو ان جا هٿ پير ڪٽيل هوندا" هي ٻڌي ڪِندي چيائين ته هي زمين هن (يعني حضرمي) جي آهي. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 298 حديث 3244)

مُفسّر شَهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ هي زبانِ مبارڪ جو اثر آهي ته ٻن جملن سان ان (ڪِندي) جي دل

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

جي حالت بدلجي وئي ۽ سچي ڳالهه چئي اهو زمين جي دعويٰ تان هٿ کڻي ويو. (مراٰةُ المناجيح ج 5 ص 403)

## ستن زمينن جو هار

رشوتن جي ذريعي ٻين جي جڳهن تي قبضو ڪري عمارتون ناهڻ وارا، ماڻهن جي طرفان نيڪي تي مليل زرعي زمينون ڦٻائڻ وارن هارين، وڏيرن ۽ خائن زميندارن کي گهٻرائي ڪري هڪدم توبه ڪرڻ گهرجي ۽ جنهن جنهن جا حق ڦٻايا آهن اهي هڪدم ادا ڪرڻ گهرجن، "مسلم شريف" ۾ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: "جيڪو شخص ڪنهن جي هڪ گرانٺ زمين به ناحق طور ڪٽيندو ته ان کي قيامت جي ڏينهن ست زمينن جو طوق (يعني هار) پارايو ويندو." (صحيح مسلم ص 869 حديث 1610)

## شارع عام تي بغير شرعي حاجت جي رستو نه والاريو

ڪي ماڻهو عام رستن تي بغير ڪنهن حاجت جي رستو گهيري وٺن ٿا، جن مان ڪيئي صورتون ماڻهن جي لاءِ سخت تڪليف جو سبب بڻجنديون آهن مثلاً ﴿1﴾ عيدِ قربان جي ڏينهن ۾ قرباني جا جانور وڪڻڻ يا ڪرايي تي رکڻ يا ذبح ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه جاين تي بنا ضرورت جي پوريون پوريون گهٽيون گهيري وٺندا آهن ﴿2﴾ رستي ۾ تڪليف ڏيندڙ ڪچرو يا ملبو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

اڇلائيندا آهن، تعميرات جي لاءِ غير ضروري ريتي ۽ سَرين جو ڍير لڳائيندا آهن ۽ ائين تعميرات ڪان پوءِ مهينن تائين بچيل سامان ۽ ملبو پيل رهندو آهي ﴿3﴾ شادي غمي جي تقريبن، نيازن وغيره جي موقعي تي گهٽين ۾ ديڳون پچائيندا آهن جنهن سبب کڏهن کڏهن زمين تي کڏا وغيره پئجي ويندا آهن پوءِ ان ۾ گپ ۽ گندي پاڻي جي گڏ ٿيڻ جي ڪري مڇر پيدا ٿيندا آهن ۽ بيماريون ڦهلجنديون آهن ﴿4﴾ عام رستا کوٽي ڇڏيندا آهن پر ضرورت پوري ٿيڻ بعد پرائي ڪري پهريان وانگر هموار ناهن ڪندا ﴿5﴾ رهائش يا ڪاروبار جي لاءِ ناجائز قبضو ڄمائي ائين جڳهه گهيرندا آهن جو ماڻهن جو رستو تنگ ٿي ويندو آهي انهن سڀني جي لاءِ ڳٽتي جي ڳالهه آهي.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" (جلد پهريون) صفحي 816 تي امام ابنِ حَجَر مڪي شافعي عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ القوي ڪبيره گناهه نمبر 215 ۾ انهيءَ فعل (يعني ڪم) کي ڪبيره گناهه قرار ڏيندي فرمائن ٿا: شارعِ عام ۾ غير شرعي تَصَرُّف (مداخلت) ڪرڻ يعني اهڙو تَصَرُّف (يعني رخنو وجهڻ يا عمل اختيار) ڪرڻ جنهن سان گذرڻ وارن کي نقصان ٿئي، ان جو سبب بيان ڪندي تحرير فرمائن ٿا تہ هن ۾ ماڻهن کي ايذاءُ پهچائڻ ۽ ظلم ڪندي انهن جا حق دبائڻ آهي، **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم :

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

”جيڪو شخص ڪنهن جي هڪ گرانٺ زمين بہ ناحق طور ڪٽيندو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن ست زمينن جو طوق (يعني هار) پارايو ويندو.“ (صحيح بخاري ج 2 ص 377 حديث 3198)

## ڪوڙو قسم گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندو آهي

ڪوڙن قسمن جي نقصانن جي باري ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فرمائن ٿا: ڪوڙو قسم گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 602) هڪ ٻي جڳهہ تي لکن ٿا: ڪوڙو قسم ڪنهن گذريل ڳالهہ تي ڄاڻي واڻي کڻڻ واري تي جيتوڻيڪ ڪو ڪفارو ناهي (پر) ان جي سزا هي آهي تہ جهنم جي ٿهڪندڙ درياء ۾ غوطا ڏنا ويندا. (فتاويٰ رضويہ ج 13 ص 611) مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذرا غور ڪيو تہ الله عزوجل جنهن اسان کي پيدا ڪيو، پوري ڪائنات کي بڻايو، جنهن تي هر ڳالهہ ظاهر آهي، ڪا شيء ان کان لڪيل ناهي، ايستائين جو اهو دِلين جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو، جيڪو رحمٰن ۽ رحيم بہ آهي ۽ قَهّار ۽ جَبّار بہ آهي، ان ربُّ الانام عزوجل جو نالو وٺي ڪوڙا قسم کڻڻ ڪيڏي وڏي ناداني جي ڳالهہ آهي ۽ اهو بہ دنيا جي ڪنهن عارضي (وقتي) فائدي يا ڪجهہ پيسن خاطر!

## يهودين شانِ مصطفيٰ لڪائڻ جي لاءِ ڪوڙا قسم کنيا

يهودين جي اَحبار (يعني عالمن) ۽ انهن جي رئيسن (يعني

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

سردارن) **ابو رافِع، ڪِنانَہ بن اَبِي الحُقَيق ۽ ڪَعُب بِن اَشرَف ۽ حُيَيِّ بن اَخۡطَب،** **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو اهو عهد لڪايو جيڪو سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ جي باري ۾ انهن کان توريت شريف ۾ ورتو ويو هو، اهو ائين جو انهن ان کي بدلي ڇڏيو ۽ ان جي جڳهہ تي پنهنجي هٿن سان ڇا جو ڇا لکي ڇڏيو ۽ ڪوڙا قسم کنيا تہ هي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي، هي سڀ ڪجهہ انهن پنهنجي جماعت جي جاهلن کان رشوتون، مال ۽ زر حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيو، ان جي باري ۾ هي آيت شريف نازل ٿي:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَشۡتَرُوۡنَ بِعَهۡدِ اللّٰهِ وَ اَيۡمَانِهِمۡ ثَمَنًا قَلِيۡلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمۡ فِي الۡاٰخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا يَنۡظُرُ اِلَيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيۡهِمۡ ۪ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۷۷﴾

(پ۳،اٰل عمرٰن :۷۷)

**ترجموڪنزالايمان:** اهي جيڪي **اللّٰه** جي عهد ۽ پنهنجي قسمن جي بدلي ذليل بها وٺندا آهن آخرت ۾ انهن جو ڪو حصو نہ آهي ۽ **اللّٰه** نہ انهن سان ڳالهائي نہ انهن جي طرف نظر فرمائي قيامت جي ڏينهن ۽ نہ انهن کي پاڪ ڪري ۽ انهن جي واسطي درد ناڪ عذاب آهي.

(تفسير خازن ج 1 ص 265)

## نيري اکين وارو منافِق

**عبداللّٰه بن نَبۡتَل** (نالي هڪ) **مُنافِق** (هو) جيڪو رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ حاضر رهندو هو ۽ هتان جي ڳالهہ يهودين وٽ پهچائيندو هو، هڪ ڏينهن حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ تشريف فرما هئا، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي هڪ شخص ايندو جنهن جي دل نهايت سخت ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال)

شيطان جي اڪين سان ڏسندو آهي ٿوري دير کان پوءِ عبدالله بن نَبۡتَل آيو، ان جون اکيون نيريون هيون، حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو: تون ۽ تنهنجا ساٿي اسان کي گاريون ڇو ٿا ڏين؟ هن قسم کنيو تہ هو ائين ناهي ڪندو ۽ پنهنجي يارن کي بہ وٺي آيو، انهن بہ قسم کنيا تہ اسان اوهان کي، گاريون نٿا ڏيون، انهي، تي هي آيت شريف نازل ٿي:

اَلَمۡ تَرَ اِلَی الَّذِیۡنَ تَوَلَّوۡا قَوۡمًا غَضِبَ اللّٰہُ عَلَیۡهِمۡ ؕ مَا هُمۡ مِّنۡکُمۡ وَ لَا مِنۡهُمۡ ۙ وَ یَحۡلِفُوۡنَ عَلَی الۡکَذِبِ وَ هُمۡ یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۴﴾

(پ۲۸،مجادله:۱٤)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي الله جو قهر آهي، اُهي نہ تہ توهان مان آهن ۽ نہ انهن مان، اهي ڄاڻي واڻي ڪوڙا قسم کڻن ٿا. (خزائن العرفان)

## جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو

منقول آهي: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ بيهاريو ويندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنم ۾ وٺي وڃڻ جو حڪم ڏيندو، اهو عرض ڪندو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کي ڇا جي ڪري جهنم ۾ موڪليو پيو وڃي؟ ارشاد ٿيندو: نمازن کي انهن جو وقت گذاري پڙهڻ ۽ منهنجي نالن جا ڪوڙا قسم کڻڻ جي سبب. (مڪاشفة القلوب ص 189)

## ڪوڙو قسم کڻڻ واري واپاري لاءِ دردناڪ عذاب آهي

حضرت سيّدنا ابوذرغِفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان راويت آهي تہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ٽي شخص اهڙا آهن جنهن سان اللّٰه تعالٰي نہ ڪلام فرمائيندو نہ انهن ڏانهن نظرِ ڪرم فرمائيندو، نہ انهن کي پاڪ ڪندو، بلڪ انهن جي لاءِ درد ناڪ عذاب آهي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ڳالهہ ٽي ڀيرا فرمائي تہ مون عرض ڪيو: اهي تہ تباهہ ۽ برباد ٿي ويا، اهي شخص ڪير آهن؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ تَڪَبُّر سبب پنهنجو تهبند لٽڪائڻ وارو ۽ ﴿2﴾ اِحسان جتائڻ وارو ۽ ﴿3﴾ ڪوڙو قسم کڻي پنهنجو مال کپائڻ وارو.

(صحيح مسلم ص 67 حديث 171(106))

## ڪوڙي قسم سبب برڪت ختم ٿي ويندي آهي

هن روايت مان خاص ڪري اهي واپاري ۽ دوڪاندار عبرت حاصل ڪن جيڪي ڪوڙا قسم کڻي پنهنجو مال وڪڻندا آهن، شين جا عيب (يعني خاميون) لڪائڻ، ناقص ۽ خراب مال تي وڌيڪ نفعي جي خاطر لاڳيتو قسم کڻندا آهن ۽ ان ۾ ڪو عار (يعني شرم) محسوس ناهن ڪندا، انهن جي لاءِ ڳڻتي جي ڳالهہ آهي تہ شفيع روزِ شمار، احمدِ مختار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ڪوڙي قسم سان مال تہ وڪامجي ويندو آهي، ۽ برڪت ختم ٿي ويندي آهي. (ڪنزالعمال ج 16 ص 297 حديث 46376) هڪ ٻي جڳهہ تي فرمايو: قسم سامان وڪڻائڻ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (حاڪم)

آهي ۽ برڪت مٽائڻ وارو آهي. (صحيح بخاري ج 2 ص 15 حديث 2087)

مُفَسِّر شَهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: برڪت (ختم ٿيڻ) سان مراد آئنده ڪاروبار بند ٿي وڃي يا واپار ۾ نقصان ٿئي يعني جيڪڏهن توهان ڪنهن کي قسم کڻي ڏوکي سان مال ڏنو آهي تہ اهو هڪ ڀيرو تہ ڌوکو کائي ويندو پر ٻيهر نہ ايندو نہ ڪنهن کي اچڻ ڏيندو، يا جيڪا رقم اوهان هن کان حاصل ڪئي آهي ان ۾ برڪت نہ ٿيندي ڇوتہ حرام ۾ بي برڪتي آهي. (مِراٰةُ المناجيح ج 4 ص 344)

## خنزير جهڙو مُردو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 32 صفحن تي مشتمل رسالي ”ڪفن چورن جا انڪشافات“ ۾ آهي: هڪ ڀيري خليفي عبدالمِلڪ وٽ هڪ شخص حاضر ٿيو، گهبرايل هو ۽ چوڻ لڳو: سائين! مان تمام گهڻو گناهگار آهيان ۽ ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ منهنجي لاءِ مُعافي بہ آهي يا نہ؟ خليفي چيو: ڇا تنهنجو گناهہ زمين ۽ آسمان کان بہ وڏو آهي؟ ان چيو: وڏو آهي. خليفي پُڇيو: ڇا تنهنجو گناهہ لوح ۽ قلم کان بہ وڏو آهي؟ جواب ڏنائين: وڏو آهي. پُڇيائين: ڇا تنهنجو گناهہ عرش ۽ ڪرسيءَ کان بہ وڏو آهي؟ ان جواب ڏنو: وڏو آهي. خليفي چيو: ڀاءُ يقيني طور تي تنهنجو گناهہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو. (طبراني)

رحمت کان ته وڏو نه ٿو ٿي سگهي. اهو ٻُڌي ڪري ان جي سيني ۾ رڪيل طوفان اکين جي ذريعي ٻاهر نڪري آيو ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. خليفي چيو: ڀاءُ آخر مون کي ٻه ته خبر پئي ته تنهنجو گناهه ڪهڙو آهي؟ انهيءَ تي ان چيو: سائين! توهان کي ٻُڌائيندي مون کي تمام گهڻو شرم اچي رهيو آهي پر تنهن هوندي به عرض ڪريان ٿو، شايد منهنجي توبهه جي ڪا صورت نڪري اچي. اهو چئي ڪري ان پنهنجو دهشتناڪ داستان ٻُڌائڻ شروع ڪيو. چوڻ لڳو: سائين! مان هڪ ڪفن چور آهيان. اڄ رات مون پنجن قبرن مان عبرت حاصل ڪئي ۽ توبهه ڪرڻ تي آماده ٿيس، پوءِ ان پنج قبرن جا خوف ناڪ احوال ٻڌائڻ شروع ڪيا: هڪ قبر جو حال ٻڌائيندي ان چيو: ڪفن چورائڻ جي ارادي سان مون جڏهن ٻي قبر کوٽي ته هڪ دل ڏڪائيندڙ منظر منهنجي اکين جي سامهون هيو. ڇا ٿو ڏسان ته مُردي جو منهن خنزير (يعني سوئر) جهڙو ٿي چڪو آهي ۽ زنجير ۾ جڪڙيل آهي. غيب مان آواز آيو: هي ڪوڙا قسم کڻندو ۽ حرام روزي ڪمائيندو هيو. (ماخوذ از تذكرة الواعظين ص 612)

## دل تي ڪارو نڪتو

**خاتمُ المُرسلين، رَحمة للعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: جيڪو شخص قسم کڻي ۽ ان ۾ مڇر جي پرَ برابر ڪوڙ ملائي ته اهو ”قسم“ قيامت تائين ان جي دل تي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

(ڪارو) نڪتو ٻڌجي ويندو. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 249)

## قسم صرف سچو ئي ڪنيو وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏجي وڃو! يقيناً اللهعَزَّوَجَلَّ جو عذاب برداشت تي نه سگهندو جيڪڏهن ماضي ۾ ڪوڙا قسم ڪنيا هئا ته انهن کان جلد جلد توبه ڪيو ۽ هي ڳالهه خوب ذهن نشين فرمايو ته جيڪڏهن ضرورت جي وقت قسم ڪڻڻو پوي ته صرف ۽ صرف سچو قسم ڪڻو.

## مسلمان جي قسم تي يقين ڪرڻ گهرجي

جيڪڏهن ڪو مسلمان اسان جي سامهون ڪنهن ڳالهه تي قسم ڪڻي ته حُسن ظن رکندي اسان کي ان جي ڳالهه تي يقين ڪرڻ گهرجي، امام شرفُ الدّين نَوَوِيعَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا ته مسلمان ڀاءُ جي قسم جو اعتبار ڪرڻ ۽ ان کي پورو ڪرڻ مُستَحب آهي انهيءَ شرط سان ته ان ۾ فِتني وغيره جو امڪان نه هجي. (شرح مسلم للنووي ج 14 ص 32)

## تو چوري ناهي ڪئي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: اللهعَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: (حضرت) عيسيٰ ابن مريم هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏٺو ته ان کي فرمايو: تو چوري ڪئي، هن جواب ڏنو:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

”هرگز نه، ان جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي“ ته (حضرت) عيسيٰ (عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) فرمايو: مان الله تي ايمان آندو ۽ پنهنجي ڳالهه کان رجوع ڪيو. (صحيح مسلم ص 1288 حديث 2368)

## مؤمن الله تعاليٰ جو ڪوڙو قسم ڪيئن کڻي سگهي ٿو!

الله اڪبر! ڏٺو توهان حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام قسم کڻڻ واري سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو: مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان ان قسم کڻڻ واري کي ڇڏي ڏيڻ جي باري ۾ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مقدّس جذبن جي عڪاسي ڪندي لکن ٿا: يعني انهيءَ قسم جي ڪري تو کي سچو سمجهان ٿو ته مومن ڀانهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪوڙو قسم نٿو کڻي سگهي (ڇوته) ان جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي جي تعظيم هوندي آهي، پنهنجي باري ۾ غلط فهمي جو خيال ڪيان ٿو ته منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي. (مِراٰةُ المناجيح ج 6 ص 623) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قرآن کڻڻ قسم آهي يا نه؟

قرآن شريف جو قسم کڻڻ قسم آهي، البت صرف قرآن ڪريم کڻڻ يا وچ ۾ رکڻ يا ان تي هٿ رکي ڪا ڳالهه ڪرڻ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي . (عبدالرزاق)

قسم ناهي. ”فتاويٰ رضويہ“ جلد 13 صفحي 574 تي آهي: ڪوڙي ڳالهہ تي قرآن شريف جو قسم کڻڻ سخت عظيم ڪبيره گناهہ آهي ۽ سچي ڳالهہ تي قرآن شريف جو قسم کڻڻ ۾ حرج ناهي ۽ ضرورت هجي تہ کڻي بہ سگهي ٿو پر اهو قسم ڪي گهڻو سخت ڪندو آهي، بنا خاص ضرورت جي (ائين) نہ ڪرڻ گهرجي ۽ صفحي 575 تي آهي: ها مُصحَف (يعني قرآن) شريف هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي ڪا ڳالهہ چوڻ جيڪڏهن لفظي طور حلف ۽ قسم سان نہ هجي تہ حلفِ شرعي نہ ٿيندو. (يعني قرآن ڪريم کي صرف کڻڻ يا ان تي هٿ رکڻ يا ان کي وچ ۾ رکڻ کي شرعاً قسم نہ چئبو) مثلاً چوي تہ مان قرآن شريف تي هٿ رکي چوان ٿو تہ ائين ڪندس ۽ پوءِ نہ ڪيو تہ (جيئن تہ اهو قسم نہ ٿيو تنهنڪري) ڪفارو بہ نہ لازم ٿيندو. واللهُ تعاليٰ اَعلَم

## ٻہ عبرتناڪ فتويٰ

### (1) شرابي قرآن کڻي قسم ڪنيو پوءِ ٽوڙي ڇڏيو!!

فتاويٰ رضويہ جلد 13 صفحي 609 تي هڪ شرابي جي باري ۾ حڪم دريافت ڪندي ڪجهہ ائين پڇيو ويو تہ ان چار گواهن جي سامهون قرآن شريف کڻي قسم ڪنيو تہ آئنده شراب نہ پيئندس. ان جي تفصيلي جواب جي آخر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ان قرآن کڻي قرآن جي نالي سان قسم ڪنيو يا الله تعاليٰ جي نالي جو قسم ڪنيو ۽ زبان سان ادا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

به ڪيو هو پوءِ قسم ٽوڙي ڇڏيو ته ان تي ڪفارو لازم آهي، ۽ جيڪڏهن ان قرآن شريف کڻي قسم ڪنيو آهي ۽ سخت معاملو آهي جو قرآن کڻي ان هن جي خلاف ورزي ڪندي وري شراب پيتو آهي جنهن جي ڪري توهين تائين معاملو پهتو ۽ (ان) قرآن جي عظيم حق کي پائمال ڪيو آهي ته ان سخت ڪاروائي (يعني جڏهن لفظ قسم نه چيو هجي صرف قرآن شريف ڪنيو هجي ان) تي ڪفارو ناهي، بلڪ ان جي لاءِ ان تي لازم آهي ته هڪدم توبه ڪري ۽ ان بُري فعل (يعني شراب نوشي) کي آئنده نه ڪرڻ جو پختو قصد (يعني پڪي نيت) ڪري، نه ته پوءِ الله تعاليٰ جي طرفان دردناڪ عذاب ۽ جهنم جي باهه جو انتظار ڪري. وَالعِيَاذُ بِاللهِ تعاليٰ (يعني ۽ الله تعاليٰ جي پناهه) ۽ جيڪڏهن زبان سان قسم ادا نه ڪيو بلڪ انهيءَ قرآن کڻڻ کي قسم قرار ڏنو ته ان قسم جو اهو ئي حڪم آهي تي ان تي ڪفارو ناهي بلڪ دردناڪ عذاب جو انتظار ڪري.

## (2) ڪوڙا قسم کڻڻ واري کي جهنّم جي ٺهڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا

**سوال:** خدا جو ڪوڙو قسم کڻڻ تي ڪهڙو ڪفارو ڏيڻ گهرجي؟ جيڪڏهن هڪ ئي وقت ۾ ڪئي ڀيرا خدا جا قسم ڪوڙا کڻي ته هڪ ڪفارو ڏي يا هر هڪ قسم جو الڳ الڳ (ڪفارو ڏي)؟

**جواب:** ڪوڙا قسم گذريل ڳالهه تي دانسته (يعني ڄاڻي واڻي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي . (طبراني)

ڪنيا تہ) ان جو ڪو ڪفارو ناهي، ان (ڪوڙي قسم) جي سزا اها آهي تہ جهنّم جي ٿهڪندڙ درياءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا. ۽ آئنده (جي) ڪنهن ڳالهہ تي قسم ڪنيو ۽ اها نہ ٿي سگهي تہ ان جو ڪفارو آهي، هڪ قسم ڪنيو هجي تہ هڪ (ڪفارو) ۽ ڏهہ (ڪنيا) تہ ڏهہ (ڪفارا) وَاللهُ تَعَالٰي اَعلم (يعني ۽ الله تعالىٰ سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي)

## ڪثرت سان قسم کڻڻ جي مُمانَعت

ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو سيپاري 2 سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي آيت 224 ۾ فرمانِ عظيم آهي:

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله کي پنهنجن قَسمن جو نشانو نہ بڻايو .

**صَدرُ الاَفاضِل** حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت جي تحت لکن ٿا: ڪجهہ مُفسِّرن هي بہ چيو آهي تہ هن آيت مان ڪثرت سان قسم کڻڻ جي مُمانعت ثابت ٿي آهي. (حاشيۃُ الصاوي ج 1 ص 190)

حضرت سيّدنا ابراهيم نَخَعِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: جڏهن اسان ننڍا هئاسين تہ اسان جا وڏا قسم کڻڻ ۽ واعدو ڪرڻ تي اسان کي مار ڏيندا هئا. (صحيح بخاري ج 2 ص 516 حديث 3651)

تُو جھوٹی قسموں سے مجھ کو سدا بچا یا ربّ!
نہ بات بات پہ کھاؤں قسم، خدا یا ربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طَهارت (يعني پاڪائي) آهي. (ابويعليٰ)

# ”چُپ رهو سلامت رهندؤ“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان قسم جي باري ۾ 15 مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 2 صفحي 298 کان 311 ۽ 319 تان قسم ۽ ڪفاري جي باري ۾ 15 مدني گل پيش ڪيا ٿا وڃن. (ضرورت موجب ڪٿي ڪٿي تصرُّف ڪيو ويو آهي)

## ڳالهہ ڳالهہ تي قسم نہ کڻڻ گهرجي

﴿1﴾ قسم کڻڻ جائز آهي پر جيستائين ٿي سگهي ڪمي بهتر آهي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي قسم نہ کڻڻ گهرجي ۽ ڪجھ ماڻهن قسم کي تہ تڪيہ ڪلام بڻائي رکيو آهي (يعني گفتگو دوران بار بار قسم کڻڻ جي عادت بڻائي رکي آهي) جو قصد ۽ بي قصد (يعني ارادي ۽ بنا ارادي جي) زبان سان (قسم) جاري ٿي ويندو آهي ۽ هن ڳالهہ جو بہ خيال ناهن رکندا تہ ڳالهہ سچي آهي يا ڪوڙي! هي سخت مَعيوب (يعني تمام بري ڳالهہ) آهي ۽ غير خدا جو قسم مَڪروه آهي ۽ هي شرعاً قسم بہ ناهي يعني ان کي ٽوڙڻ سان ڪفارو لازم ناهي ٿيندو.

## غلطي سان قسم کنيو تہ؟

﴿2﴾ غلطي سان قسم کڻي ورتو مثلاً چوڻ چاهيو ٿي تہ پاڻي کڻي اچو يا پاڻي پيئندس ۽ زبان مان نڪتو تہ ”خدا جو قسم پاڻي نہ پيئندس“ تہ هي بہ قسم آهي جيڪڏهن ٽوڙيندو تہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو انَ ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪفارو ڏيڻو پوندو. (بهار شريعت ج 2 ص 300)

﴿3﴾ قسم ٽوڙڻ اختيار سان هجي يا ٻي جي مجبور ڪرڻ سان قصداً (يعني ڄاڻي واڻي) هجي يا ڀُلجي ڪري هر صورت ۾ ڪفارو آهي، بلڪ جيڪڏهن بيهوشي يا جنون ۾ قسم ٽوڙيو ته تڏهن به ڪفارو واجب آهي جڏهن ته هوش ۾ قسم ڪنيو هجي، ۽ جيڪڏهن بيهوشي يا جُنُون (يعني چريائپ) ۾ قسم ڪنيو ته قسم ناهي ڇو ته عاقل هجڻ شرط آهي ۽ هي عاقل ناهي. (تبيينُ الحَقائِق ج 3 ص 423)

## اهڙا لفظ جنهن سان قسم ناهي ٿيندو

﴿4﴾ اهي الفاظ قسم ناهن جيتوڻيڪ انهن جي ادا ڪرڻ سان گنهگار ٿيندو جڏهن ته پنهنجي ڳالهه ۾ ڪوڙو آهي: جيڪڏهن مان ائين ڪيان ته مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو غضب ٿئي، ان جو عذاب ٿئي، خدا جو قهر پوي، مون تي آسمان ڪري، زمين ۾ غرق ٿي پوان، مون کي خدا جي مار پوي، خدا جي ڦِٽڪار ٿئي، رسول الله جي شفاعت نه ملي، مون کي خدا جو ديدار نصيب نه ٿئي، ۽ مرڻ وقت ڪلمو نصيب نه ٿئي. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 54)

## قسم جا چار قِسم

﴿5﴾ ڪجهه قسم اهڙا هوندا آهن جنهن جو پورو ڪرڻ ضروري آهي، مثلاً ڪنهن اهڙي ڪم جو قسم ڪنيو جنهن جو بغير قسم (به) ڪرڻ ضروري هو يا گناهه سان بچڻ جو قسم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

ڪنيو (جيڪڏهن گناهه کان بچڻ جو قسم نه به ڪنيو تڏهن به گناهه کان بچڻ ضروري ئي آهي) ته ان صورت ۾ قسم سچو ڪرڻ ضروري آهي، مثلاً (چيو) خدا جو قسم ظهر پڙهندس يا چوري يا زنا نه ڪندس. (قسم جو) ٻيو (قِسم) هي آهي جو ان کي ٽوڙڻ ضروري آهي مثلاً گناهه ڪرڻ يا فرض ۽ واجبات (پورا) نه ڪرڻ جو قسم ڪنيو، جيئن قسم ڪنيو ته نماز نه پڙهندس يا چوري ڪندس يا ماءُ پيءُ سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندس ته اهو قسم ٽوڙي ڇڏي. ٽيون اهو جو انهن جو ٽوڙڻ مستحب آهي مثلاً اهڙي امر (يعني معاملي يا ڪم) جو قسم ڪنيو ته ان جي غير (يعني علاوه) ۾ بهتري آهي ته اهڙا قسم ٽوڙي ڪري اهو ڪري جيڪو بهتر آهي. چوٿون اهو جو مُباح جو قسم ڪنيو يعني (جنهن جو) ڪرڻ يا نه ڪرڻ ٻئي برابر آهي هن ۾ قسم جو باقي رکڻ افضل آهي.
(المبسوط للسرخسي ج 4 ص 133)

﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جا جيترا نالا آهن ان مان جنهن نالي جو قسم ڪنيو ته قسم ٿي ويندو چاهي ڳالهه ٻولهه ۾ ان جي نالن جو قسم ڪنيو ويندو آهي يا نه، مثلاً الله جو قسم، خدا جو قسم، رحمٰن جو قسم، رحيم جو قسم، پروردگار جو قسم، ائين خدا جي ڪنهن صفت جو قسم ڪنيو ويندو هجي ان جو قسم ڪنيو، ته ٿي ويو، مثلاً خدا جي عِزت ۽ جلال جو قسم، ان جي ڪِبريائي (يعني عظمت) جو قسم، ان جي بزرگي يا وڏائي جو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

قسم، ان جي عظمت جو قسم، ان جي قوت ۽ قدرت جو قسم، قرآن جو قسم، ڪلام الله جو قسم . (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 52)

﴿7﴾ هنن لفظن سان به قسم ٿي ويندو آهي حلف ڪيان ٿو، قسم کڻان ٿو، مان شهادت ڏيان ٿو، خدا کي گواهه ڪري چوان ٿو، مون تي قسم آهي، لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله مان هي ڪم نه ڪندس. (ايضاً)

## اهڙو قسم جنهن جي ٽوڙڻ ۾ ڪُفر جو انديشو آهي

﴿8﴾ جيڪڏهن هي ڪم ڪري يا ڪيو ته يهودي آهي يا نصراني يا ڪافر يا ڪافرن ۾ شريڪ، مرندي وقت ايمان نصيب نه ٿئي، بي ايمان مري، ڪافر ٿي مري، هي الفاظ تمام سخت آهن، جيڪڏهن ڪوڙو قسم ڪنيو يا قسم ٽوڙيو ته ڪجھ صورتن ۾ ڪافر ٿي ويندو، جيڪو شخص ان قِسم جا ڪوڙا قسم کڻي ته ان جي باري ۾ حديث ۾ فرمايو: اهو ائين آهي جيئن ان چيو. يهودي ٿيڻ جو قسم ڪنيو ته يهودي ٿي ويو، ائين جيڪڏهن چيائين: ”خدا ڄاڻي ٿو ته مون ائين نه ڪيو“ ۽ هي ڳالهه ان ڪوڙ ڪندي چئي ته اڪثر عالمن جي ويجهو ڪافر آهي. (بهار شريعت ج 2 ص 301)

## ڪنهن شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪرڻ

﴿9﴾ جيڪو شخص ڪنهن شيءِ کي پنهنجو پاڻ تي حرام ڪري مثلاً چوي ته فلاڻي شيءِ مون تي حرام آهي ته ائين چوڻ سان اها شيءِ حرام نه ٿيندي، چو ته الله عَزَّوَجَلَّ جنهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

شيءِ کي حلال ڪيو ان کي ڪير حرام ڪري سگهي ٿو؟ پر (جنهن شيءِ کي پاڻ تي حرام ڪيو) ان جي استعمال ڪرڻ سان ڪفارو لازم ٿيندو يعني هي بہ قسم آهي. (تبيين الحقائق ج 3 ص 436)
”تو سان ڳالهائڻ حرام آهي“ هي (بہ) يمين (يعني قسم) آهي، ڳالهہ ڪندو تہ ڪفارو لازم ٿيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 58)

## غيرِ خدا جو قسم ”قسم“ ناهي

﴿10﴾ غير خدا جو قسم ”قسم“ ناهي. مثلاً توهان جو قسم، منهنجو قسم، تنهنجي جان جو قسم، منهنجي جان جو قسم، تنهنجي سر جو قسم، اکين جو قسم، جواني جو قسم، ماءُ پيءُ جو قسم، اولاد جو قسم، مذهب جو قسم، دين جو قسم، عِلم جو قسم، ڪعبي جو قسم، عرشِ الٰهي جو قسم، رسول اللّٰہ جو قسم. (ايضاً 51)
﴿11﴾ خدا ۽ رسول جو قسم هي ڪم نہ ڪندس هي قسم ناهي. (ايضاً 57، 58)

## ٻي جو قسم ڏيارڻ تان قسم ناهي ٿيندو

﴿12﴾ جيڪڏهن هي ڪم ڪندس تہ ڪافرن کان بہ بدتر ٿي وجان (چيو) تہ (هي) قسم آهي ۽ جيڪڏهن چيو تہ هي ڪم ڪيان تہ ڪافر کي هن (يعني مون) تي شرف (يعني فضيلت) ٿئي تہ قسم ناهي. (ايضاً ص 59، 60)
﴿13﴾ ٻئي جو قسم ڏيارڻ سان قسم ناهي ٿيندو مثلاً چيو: تون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال)

ڪي خدا جو قسم آهي هي ڪم ڪر، ته ان جي چوڻ سان (جنهن ڪي چيو ويو) ان تي قسم نه ٿيو يعني نه ڪرڻ سان ڪفارو لازم ناهي، هڪ شخص ڪنهن وٽ ويو ان اُٿڻ چاهيو ٿي ته ان ڪي چيائين: خدا جو قسم اٿئي نه اُٿجان (جنهن ڪي چيو) اهو ويهي رهيو ته ان قسم کڻڻ واري تي ڪفارو ناهي. (ايضاً ص 60،59)

﴿14﴾ هتي هڪ قاعدو ياد رکڻ گهرجي جنهن جو قسم ۾ هر جڳهه لحاظ ضروري آهي اهو هي ته قسم جي تمام لفظن مان اها معنيٰ ورتي وڃي جنهن ڪي اهلِ عُرف استعمال ڪندا هجن مثلاً ڪنهن قسم کنيو ته ڪنهن گهر ۾ نه ويندو ۽ مسجد يا ڪعبي شريف ۾ ويو ته قسم نه ٽٽندو، جيتوڻيڪ هي ٻه گهر آهي ائين حمام ۾ وڃڻ سان ٻه قسم نه ٽٽندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 68)

## قسم ۾ نيّت ۽ غرض جو اعتبار ناهي

﴿15﴾ قسم ۾ الفاظ جو لحاظ هوندو آهي، ان ڳالهه جو لحاظ ناهي هوندو ته ان قسم مان غرض ڇا آهي يعني ان لفظن جي ڳالهه ٻولهه ۾ جيڪا معنيٰ آهي اهو مراد ورتي ويندي، قسم کڻڻ واري جي نيّت ۽ مقصد جو اعتبار نه ٿيندو، مثلاً ڪنهن قسم کنيو ته ”فلان جي لاءِ هڪ پيسي جي ٻه ڪا شيءِ نه خريد ڪندس“ ۽ هڪ روپي جي خريد ڪئي ته قسم نه ٽٽو، حالانڪ هن ڪلام سان ان جو مقصد هي هوندو آهي ته نه پيسي جي خريد ڪندس نه روپي جي، پر جيئن ته لفظ سان اهو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

نہ سمجهيو ويندو آهي تنهنڪري ان جو اعتبار ناهي يا قسم ڪنيو تہ ”دروازي مان ٻاهر نہ ويندس“ ۽ ديوار ٽپي يا ڏاڪڻ لڳائي ٻاهر هليو ويو تہ قسم نہ ٽٽو جيتوڻيڪ ان جي مراد هي هجي تہ گهر کان ٻاهر نہ ويندس. (در مختارو رَدُّالْمُحتار ج 5 ص 550) هن ضمن ۾ حضرت سيدنا امام اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاكرم جي حڪايت پڙهو ۽ جهومو جيئن

## آنو نہ کائڻ جو قسم کنيو

هڪ شخص قسم کنيو تہ آنو نہ کائيندس ۽ پوءِ هي قسم کنيو تہ جيڪا شيءِ فلاڻي شخص جي کيسي ۾ آهي اها ضرور کائيندس، هاڻي ڏٺو ويو تہ ان جي کيسي ۾ آنو هو، ڪروڙين حنفِين جي عظيم پيشوا حضرت سيدنا امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيْه کان پڇيو ويو تہ فرمايائون: ان آني کي ڪنهن ڪڪڙ جي هيٺان رکي ڇڏيو ۽ جڏهن چوزو نڪري تہ ان کي پچي ڪري کائي وٺي يا شوربي ۾ پچائي ڪري شوربي سميت کائي وٺي. (هن صورت ۾ قسم پورو ٿي ويندو) (الخيرات الحسان ص 175)

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قسم جا ڪجھ لفظ

جيڪڏهن وَاللہ بِاللہ تَاللہ چيو تہ ٿي قسم ٿيا، بخدا، قسم سان، بحلفِ شرعي چوان ٿو، اللہ کي حاضر ناظر سمجهي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (حاڪم)

چوان ٿو، الله کي سميع و بصير ڄاڻي چوان ٿو، BY GOD، هي سڀ قسم جا الفاظ آهن. "الله کي حاضر ناظر سمجهي چوان ٿو" ائين چوڻ سان قسم تہ ٿي ويندو پر الله عَزَّوَجَلَّ کي حاضر ناظر چوڻ منع آهي.

## سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قسم جا الفاظ

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر "وَ مُقَلِّبِ الْقُلُوب" (يعني قسم آهي دِلين کي بدلائڻ واري جو) يا "وَالَّذِي نَفسِي بِيَدِهٖ" (يعني قسم آهي ان جو جنهن جي دست قدرت ۾ منهنجي جان آهي) جي لفظن سان قسم ارشاد فرمائيندا هئا، جيئن حضرت سيدنا ابن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ جيڪو قسم ارشاد فرمائيندا هئا اهو هيءَ آهي وَ مُقَلِّبِ الْقُلُوب يعني قسم آهي دلين کي بدلائڻ واري جو. (بخاري ج 4 ص 287 حديث 6617)

## حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قسم کڻڻ

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" جي صفحي 528 تي آهي: منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کي عرض ڪيو ويو: حضور جو قسم کڻي ڪري پوءِ ان جي خلاف ڪرڻ سان ڪفارو لازم ٿيندو يا نہ؟ تہ فرمايائون: نہ. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 51)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو. (طبراني)

# پيءُ جو قسم کڻڻ ڪيئن؟

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سواري تي ويندي ڏٺو، جڏهن تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي پيءُ جو قسم کڻي رهيا هئا، نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي پيءُ جو قسم کڻڻ کان منع فرمائي ٿو، جيڪو شخص قسم کڻي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻي يا چُپ رهي. (صحيح بخاري ج 4 ص 286 حديث 6)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني غير خدا جو قسم کڻڻ کان منع فرمايو ويو آهي، جيئن تہ عرب وارا عام طور تي پيءُ ڏاڏن جو قسم کڻندا هئا انهيءَ ڪري ان جو ذڪر ٿيو، غير خدا جو قسم کڻڻ مڪروه آهي. (مرقاةُ المفاتيح ج 6 ص 579)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان مراد رب تعاليٰ جا ذاتي ۽ صفاتي نالا آهن، تنهنڪري قرآن شريف جو قسم کڻڻ جائز آهي ڇو تہ قرآن شريف ڪلام اللّٰه جو نالو آهي ۽ ڪلام اللّٰه صفتِ الٰهي آهي قرآن شريف ۾ زماني، انجير، زيتون جا قسم بہ ارشاد ٿيا اهي شرعي قسم نہ آهن، ۽ اهي احڪام اسان تي جاري ٿين ٿا رب تعاليٰ تي نہ. (مراٰةُ المناجيح ج 5 ص 194-195)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

## قسم ۾ ان شاءَالله چيو ته قسم ٽيندو يا نه؟

فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: قسم ۾ اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ چيو ته ان جو پورو ڪرڻ واجب ناهي، انهيءَ جو شرط هي آهي ته اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ جو لفظ ان ڪلام سان مُتَّصِل (يعني مليل) هجي ۽ جيڪڏهن فاصلو ٿي ويو مثلاً قسم کڻي چپ ٿي ويو يا وچ ۾ ڪا ٻي ڳالهه ڪئي پوءِ اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ چيو ته قسم باطل نه ٿيو. (درمختار و رَدُّالْمُحتار ج 5 ص 548) حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته رحمتِ عالم، نُور مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص قسم کڻي ۽ ان سان گڏ اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ چوي ته حانِث (يعني قسم ٽوڙڻ وارو) نه ٿيندو. (ترمذي ج 3، ص 183 حديث 1536)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: يعني قسم جي مُتَّصِل (يعني فوراً بعد) ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ چيائين. خلاصو هي آهي ته جيڪڏهن واعدي يا قسم سان مُتَّصِل ان شاءالله عَزَّوَجَلَّ چئي ڇڏيائين ته ان جو خلاف ڪرڻ تي نه گناهه آهي نه ڪفارو.

(مِرأةُ المناجيح ج 5 ص201)

## وڏين مُڇن وارو بدمعاش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جا سنتن ڀريا اجتماع به اهم ذريعو آهن، اوهان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي . (طبراني)

ٻه پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪيو، ان اجتماعن جي برڪت سان ڪهڙن ڪهڙن بگڙيل ماڻهن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ان جي هڪ جهلڪ هن مدني بهار ۾ ملاحظه فرمايو: هڪ عالم صاحب جيڪي دعوت اسلامي جا مُبلِّغ آهن انهن ٻڌايو ته 1995 ۾ هڪ شخص جنهن تي لڳ ڀڳ 11 ڌاڙن جا ڪيس هئا جن مان هڪ قتل جو مقدمو پڻ هو، هڪ سال جيل ۾ ٻه رهيو، آبپاشي ڪاتي ۾ ملازم پڻ هو، پگهار 3000 هئي پر اهو ناجائز ذريعن سان مثلاً وڻ وغيره وڪڻي ڪري، پاڻي جي چوري وغيره جي ڪري هر مهيني 10000 تائين ڪري وٺندو هو، ان وڏيون وڏيون مڇون ٻه رکيون هيون، ڏسڻ واري کي ان کان خوف ٿيندو هو، هڪ ڏينهن مون انفرادي ڪوشش ڪري ان کي دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي پر ان منهنجي دعوت ٿاري ڇڏي، مون همت نه هاري ۽ وقت بوقت دعوت ڏيندو رهيس، آخرڪار ٻن سالن کان پوءِ ان دعوت قبول ڪئي، ۽ اهو ”پستول“ ساڻ رکي اجتماع ۾ شريڪ ٿيو، اتفاق سان انهيءَ ڏينهن منهنجو بيان هو جيڪو جهنم جي عذاب جي باري ۾ هو، جهنم جون تباهه ڪاريون ٻڌي سخت سيءَ جو موسم هجڻ باوجود بدمعاش پگهر پگهر ٿي ويو، اجتماع کان پوءِ اهو روئيندو رهيو ۽ چوندو رهيو: هاءِ منهنجو ڇا ٿيندو! مون ته

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي** . (عبدالرزاق)

گهڻا گناهه ڪيا آهن، پوءِ اهو ٿي ڏينهن بخار ۾ رهيو، ان کي پنهنجي گناهن جي شدت جو احساس ٿي چڪو هو، ان توبہ ڪئي ۽ نمازون بہ پڙهڻ لڳو، ٻي جمعرات ان کي ٻيهر اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي ۽ جنت جي موضوع تي بيان ٻڌي ان کي آٿت ملي، آهستہ آهستہ ان تي مدني رنگ چڙهندو رهيو، ايستائين جو اهو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، ان گهران T.V باهر ڪڍي ڇڏي (ڇوتہ ان وقت صرف گناهن ڀريا چينلز ڏٺا ويندا ها ۽ ”مدني چينل“ شروع نہ ٿيو هو) ڏاڙهي ۽ سبز عمامو سجائڻ جي سعادت بہ حاصل ڪري ورتي، هي بيان ڏيڻ وقت اهو دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ مشغول آهي ۽ تنظيمي طور تي صوبائي سطح تي ”مجلس خُدامُ المَساجِد“ جي ذميداري تي فائز آهي.

اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے تو سدھر جائیں گے گر ملا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ۲۰۳)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قسم جي حفاظت ڪيو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 516 کان 517 تي سيپاري 14 سُوۡرَۃُ النَّحۡل آيت نمبر 91 تي ارشاد ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۹۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله جا عهد پاڙيو جڏهن قول ڪيو ۽ قسم مضبوط ڪري پوءِ توڙي نه ڇڏيو ۽ توهان الله کي پاڻ تي ضامن ڪري چُڪا آهيو، بيشڪ الله توهان جو ڪم ڄاڻي ٿو.

۽ سيپاري 7 سُوۡرَةُ الۡمَآئِدَہ جي آيت نمبر 89 ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهادي **تفسير خزائنُ العِرفان** ۾ هن آيت تحت لکن ٿا: يعني ان کي پورو ڪريو جيڪڏهن هن ۾ شرعاً ڪو حرج نه ٿئي ۽ هي حفاظت به آهي ته قسم کڻڻ جي عادت ختم ٿئي.

## بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ

حضرت سيدنا عَدي بن حاتم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مون وٽ هڪ شخص 100 دِرهَم گهرڻ آيو، مون ناراض ٿيندي چيو: تون مون کان صرف 100 دِرهَم گهري رهيو آهين حالانڪ مان حاتم (طائي) جو پٽ آهيان، **الله** جو قسم! مان تون کي نه ڏيندس، پوءِ مون چيو: جيڪڏهن مان رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي ارشاد پاڪ نه ٻڌان ها ته ”جنهن شخص ڪنهن ڪم جو قسم کنيو پوءِ هن ان کان بهتر شيءِ جو خيال ڪيو ته هو ان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي . (طبراني)

بهتر ڪم ڪي ڪري.” (هاڻي) مان تون کي 400 درهم ڏيندس.
(صحيح مسلم ص 899 حديث 1651)

## بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ جائز آهي پر ڪفارو ڏيڻو پوندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بهتر ڪم جي لاءِ قسم ٽوڙڻ جي اجازت آهي پر ٽوڙڻ کان پوءِ ڪفارو ڏيڻو پوندو جيئن حضرت سيدنا ابوالاَحۡوص عَوف بن مالِڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته مان پنهنجي سوٽ (چاچي جي پٽ) وٽ ڪجهه گهرڻ جي لاءِ ويندو آهيان ته هو مون کي ناهي ڏيندو، نه ئي صلهءِ رحمي ڪندو آهي، پوءِ ان کي جڏهن منهنجي ضرورت پوندي آهي ته مون وٽ ايندو آهي، مون کان ڪجهه گهرندو آهي، مون قسم ڪنيو آهي ته نه ان کي ڪجهه ڏيندس، نه صلهءِ رحمي ڪندس، ته مون کي حضور سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو ته جيڪو ڪم سٺو آهي اهو ڪر ۽ پنهنجي قسم جو ڪفارو ڏي.
(سنن نسائي ص 619 حديث 3793)

## ظلماً اِيذاءُ ڏيڻ جو قسم کنيو ته ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ڪنهن کي ظلماً ايذاءُ ڏيڻ جو قسم کنيو ته ان قسم جو پورو ڪرڻ گناهه آهي ان قسم جي بدلي ڪفارو ڏيڻو پوندو، جيئن ته بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي ته رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعَظَّم آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي. (ابويعليٰ)

جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اهل جي باري ۾ اَذِيَّت ۽ ضَرَر (يعني نقصان) پهچائڻ جي لاءِ قسم کڻي پوءِ بخدا ان کي نقصان ڏيڻ ۽ قسم پورو ڪرڻ عنداللّٰه (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو) وڏو گناهه آهي ان کان جو هو ان قسم جي بدلي ڪفارو ڏي جيڪو اللّٰه تعاليٰ ان تي مقرر فرمايو آهي.

(بخاري ج 4 ص 281 حديث 6625، فتاوٰي رضويه ج 13 ص549)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪو شخص پنهنجي گهر وارن مان ڪنهن جو حق فوت (يعني حق تلفي) ڪرڻ جو قسم کڻي مثلاً هي تہ پنهنجي ماءُ جي خدمت نہ ڪندس يا ماءُ پيءُ سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندس، اهڙين قسمن جو پورو ڪرڻ گناهہ آهي، ان تي واجب آهي تہ اهڙا قسم ٽوڙي ۽ گهر وارن جا حق پورا ڪري، خيال رهي هتي هي مطلب ناهي تہ هي قسم پورو نہ ڪرڻ بہ گناهہ، پر پورو ڪرڻ وڏو گناهہ آهي بلڪ مطلب هي آهي تہ اهڙي قسم پورو ڪرڻ وڏو گناهہ آهي، پورو نہ ڪرڻ ثواب آهي، ڇاڪاڻ تہ اللّٰه تعالٰي جي نالي جي بي ادبي قسم ٽوڙڻ سان ٿيندي آهي انهيءَ ڪري ان تي ڪفارو واجب ٿيندو آهي پر هتي قسم نہ ٽوڙڻ وڏي گناهہ جو سبب آهي .

(مراۃُ المناجيح ج 5 ص198 ملخصاً)

## طلاق جو قسم کڻڻ کڻائڻ ڪيئن؟

ڪنهن کان طلاق جو قسم وٺڻ منافق جو طريقو آهي،

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

مثلاً ڪنهن کي چوڻ: ”قسم کڻ تہ (جيڪڏهن) فلاڻو ڪم مون ڪيو هو تہ منهنجي زال کي طلاق“ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 13 صفحي 198 تي حديث شريف نقل ڪن ٿا: مؤمن طلاق جو قسم نٿو کڻي، ۽ طلاق جو قسم منافق ئي کڻندو آهي. (ابن عساکر ج 57 ص 393)

## قسم جو ڪفارو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن شريف ”ڪنزالايمان مع خزائن العِرفان“ صفحي 235 تي سيپاري 7 سُوْرَةُ الْمَآئِدَہ جي آيت نمبر 89 تي ارشاد ربُّ العباد آهي:

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾ (پاره ۷، المائدة آيت ۸۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله توهان کي پڪڙ نہ ڪندو توهان جي غلط فهمي جي قسمن تي، هائو انهن قسمن تي گرفت فرمائيندو جن کي توهان مضبوط ڪيو آهي، تہ اهڙي قسم جو ڪفارو آهي ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ جهڙو پنهنجي گهر وارن کي کارائيندا آهيو ان جو وچٿرو يا انهن کي ڪپڙو ڍڪائڻ يا هڪ غلام آزاد ڪرڻ، جنهن کي انهن مان ڪا بہ طاقت نہ هجي تہ ٽي ڏينهن روزا رکي. اهو بدلو آهي توهان جي قسمن جو جڏهن توهان قسم کڻو ۽ پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو. اهڙيءَ طرح الله توهان سان پنهنجون آيتون بيان فرمائيندو آهي مَن توهان احسان مڃو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

## ”يا رحمة للعٰلمين“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان قسم جي ڪفاري جا 13 مدني گل

## ڪفّاري جي لاءِ قسم جا شرط

﴿1﴾ قسم جي لاءِ ڪجھ شرط آهن، جيڪڏهن اهي نہ هجن تہ ڪفارو ناهي، قسم کڻڻ وارو (1) مسلمان (2) عاقِل (3) بالِغ، ڪافِر جو قسم کڻڻ قسم ناهي، يعني جيڪڏهن ڪفر واري زماني ۾ قسم ڪنيو پوءِ مسلمان ٿيو تہ ان قسم کي ٽوڙڻ تي ڪفارو واجب نہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ (يعني الله جي پناهہ) قسم کڻڻ کان پوءِ مُرتَد ٿي ويو تہ قسم باطل ٿيو ۽ جيڪڏهن ٻيهر مسلمان ٿيو ۽ قسم ٽوڙيائين تہ ڪفارو ناهي ۽ (4) قسم ۾ هي بہ شرط آهي تہ اها شيءِ جنهن جو قسم ڪنيو عقلي طور تي ممڪن بہ هجي يعني ٿي بہ سگهي، جيتوڻيڪ مُحالِ عادي هجي ۽ (5) هي بہ شرط آهي تہ قسم ۽ جنهن شيءِ جو قسم ڪنيو ٻنهي کي ملائي چيو هجي، وچ ۾ فاصلو هوندو تہ قسم نہ ٿيندو، مثلاً ڪنهن ان کي چيو: چئو خدا جو قسم! ان چيائين خدا جو قسم! ان چيو: چئو فلاڻ ڪم ڪندس ان چيو تہ هي قسم نہ ٿيو. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 51)

## قسم جو ڪفارو

﴿2﴾ غلام آزاد ڪرڻ يا ڏهہ مسڪينن کي ڪاڌو ڪارائڻ يا انهن کي ڪپڙو پارائڻ آهي يعني هي اختيار آهي تہ ان ٽن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

شين مان جيڪو چاهي ڪري. (تبيين الحقائق ج 3 ص 430) (ياد رهي! جتي ڪفارو آهي اهو آئنده جي لاءِ ڪنيل قسم هجي، گذريل يا موجوده جي باري ۾ ڪنيل قسم تي ڪفارو ناهي، مثلاً چيو: "خدا جو قسم! مون ته ڪالهه هڪ گلاس به ٿڌو پاڻي نه پيتو هو" جيڪڏهن پيتو هو ۽ ياد هجڻ جي باوجود ڪوڙو قسم ڪنيو ته گنهگار ٿيو توبه ڪري ڪفارو ناهي)

## ڪفارو ادا ڪرڻ جو طريقو

﴿3﴾ (ڏهه) مسڪينن کي ٻه وقت پيٽ ڀري ڪارائڻو پوندو ۽ جنهن مسڪينن کي صبح جي وقت ڪارايو انهن کي ئي شام جو به ڪارائي، ٻين ڏهه مسڪينن کي ڪارائڻ سان (ڪفارو) ادا نه ٿيندو، ۽ هي ٿي سگهي ٿو ته ڏهن کي هڪ ئي ڏينهن (ٻنهي وقت) ڪارائي يا هر ڏينهن هڪ هڪ کي (ٻه وقت) يا هڪ ئي کي ڏهن ڏينهن تائين ٻئي وقت ڪارائي، ۽ جن مسڪينن کي ڪارايو انهن ۾ ڪو ٻار نه هجي ۽ ڪائڻ ۾ اِباحت (ڪائڻ جي اجازت ڏيڻ) ۽ تَملِيڪ (يعني مالڪ بڻائڻ ته ڀلي ڪائي يا کڻي وڃي) ٻئي صورتون ٿي سگهن ٿيون ۽ هي به ٿي سگهي ٿو ته ڪارائڻ جي عوض (يعني بدران) هر مسڪين کي نصف (يعني اڌ) صاع ڪڻڪ يا هڪ صاع جوَ (هڪ صاع 4 ڪلو مان 160 گرام گهٽ ۽ نصف صاع يعني اڌ صاع 2 ڪلو مان 80 گرام گهٽ هوندو آهي) يا ان جي قيمت جو مالڪ ڪري ڇڏي يا ڏهن ڏينهن تائين هڪ ئي مسڪين کي هر ڏينهن صدقهءِ فطر جي مقدار ڏئي ڇڏي يا ڪجهه کي ڪارائي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه وآله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ڪجھ ڪي ڏئي ڇڏي، غرض هي تہ ان (يعني ڪفارو ادا ڪرڻ) جون تمام صورتون اتان (يعني مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد 2 صفحي 205 کان 217 تائين ڏنل (ظِهار جي) ڪفاري جي بيان مان) معلوم ڪيو، فرق ايترو آهي جو اتي (يعني ظِهار جي ڪفاري ۾) سٺ مسڪين هئا (جڏهن تہ) هتي (يعني قسم جي ڪفاري ۾) ڏھ آهن. (درمختار و رَدُّالْمُحتار ج 5 ص 523)

## ڪفاري جي لاءِ نيّت شرط آهي

﴿4﴾ ڪفاري ادائگي جي لاءِ نيّت شرط آهي بغير نيّت جي ڪفارو ادا نہ ٿيندو، ها جيڪڏهن اها شيء جيڪا مسڪين کي ڏني ۽ ڏيڻ وقت نيّت نہ ڪئي پر اها شيء اڃا مسڪين وٽ موجود آهي ۽ هاڻي نيّت ڪئي تہ ادا ٿي ويو، جيئن زڪوات ۾ فقير کي ڏيڻ کان بعد نيّت ڪرڻ ۾ هي شرط آهي تہ اڃا تائين جيڪڏهن فقير وٽ باقي آهي تہ نيّت ڪم ايندي، نہ تہ نہ. (حاشيۃُ الطّحطاوي علي الدّرالمختار ج 2 ص 198)

﴿5﴾ رمضان ۾ جيڪڏهن ڪفاري جو کاڌو کارائڻ چاهي تہ شام ۽ سحري ٻئي وقت کارائي يا هڪ مسڪين کي 20 ڏينهن تائين شام جو کارائي. (الجوهرة النيره ص 253 وغيره)

## ڪفاري ۾ ٽن روزن جي اجازت جي صورت

﴿6﴾ جيڪڏهن غلام آزاد ڪرڻ يا 10 مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا ڪپڙا ڏيڻ تي قادر نہ هجي تہ لڳاتار ٽي روزا رکي. (ايضاً)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال)

## ڪفارو ادا ڪندي وقت جي حيثيت جو اعتبار آهي تہ روزا رکي يا...

﴿7﴾ عاجِز (يعني مجبور) هجڻ ان وقت مُعتَبَر آهي جڏهن ڪفارو ادا ڪرڻ چاهي ٿو مثلاً جنهن وقت قسم ٽوڙيو ان وقت مالدار هو پر ڪفارو ادا ڪرڻ وقت (مالي اعتبار سان) محتاج آهي تہ روزن سان ڪفارو ادا ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن (قسم ٽوڙڻ وقت مُفلِس (۽ مسڪين) هو ۽ هاڻي (ڪفارو ادا ڪرڻ وقت) مالدار آهي تہ روزي سان (ڪفارو) ادا نٿو ڪري سگهي.

(الجوهرة النيره ص 253 وغيره)

## ڪفاري جا ٽئي روزا لڳاتار هئڻ ضروري آهي

﴿8﴾ لڳاتار (جيڪڏهن) ٽي روزا نہ رکيا يعني وچ ۾ فاصلو ڪيائين تہ ڪفارو ادا نہ ٿيو جيتوڻيڪ مجبوري جي ڪري روزو نہ رکيو، ايستائين جو عورت کي حيض اچي ويو تہ پهرين روزن جو اعتبار ناهي يعني هاڻي پاڪ ٿيڻ کان پوءِ (نئين سري کان) لڳاتار ٽي روزا رکي. (دُرِّمُختار ج 5 ص 526)

## روزن ذريعي ڪفاري جي لاءِ هڪ ضروري شرط

﴿9﴾ روزن جي ذريعي ڪفارو ادا ڪرڻ جي لاءِ هي شرط بہ آهي تہ ختم ٿيڻ تائين (يعني ٽئي روزا مڪمل ٿيڻ تائين) مال تي قدرت نہ هجي مثلاً جيڪڏهن ٻہ روزا رکڻ کان پوءِ ايترو مال ملي ويو جو ڪفارو ادا ڪري سگهي ٿو تہ هاڻي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

روزن سان (ڪفارو ادا) نه ٿي سگهندو، بلڪ جيڪڏهن ٽيون روزو رکي به ڇڏيو آهي ۽ سج لهڻ کان پهريان مال تي قادر ٿي ويو ته روزا ناڪافي آهن جيتوڻيڪ مال تي قادر ٿيڻ ائين ٿيو هجي جو ان جي مُورِث (يعني وارث بڻائڻ واري) جو انتِقال ٿي ويو هجي ۽ ان کي ترڪو (يعني وِرثو) ايترو ملندو جو ڪفاري جي لاءِ ڪافي آهي. (دُرّمُختار ج 5 ص 526)

## ڪفاري جي روزي جا ٻه احڪام

﴿10﴾ هن روزن ۾ رات کان نيّت شرط آهي ۽ هي به ضروري آهي ته ڪفاري جي نيّت سان هجن مطلق روزي جي نيّت ڪافي ناهي. (مبسوط ج 4 ص 166)

## قسم ٽوڙڻ کان پهريان ڪفارو ادا ڪيو ته ادا نه ٿيو

﴿11﴾ قسم ٽوڙڻ کان پهريان ڪفارو ناهي، ۽ (جيڪڏهن ڏئي به ڇڏيو) ته ادا نه ٿيندو يعني جيڪڏهن ڪفاري ڏيڻ کان پوءِ قسم ٽوڙيو ته هاڻي وري ڏي جيڪو پهريان ڏنو هو اهو ڪفارو ناهي، پر فقير کي ڏنل واپس نٿو وٺي سگهي. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 64)

## ڪفاري جو مستحق ڪير؟

﴿12﴾ ڪفارو انهن مسڪينن کي ڏئي سگهي ٿو جنهن کي زڪواة ڏئي سگهي ٿو يعني پنهنجي پيءُ ماءُ اولاد وغيره جن کي زڪواة نٿو ڏئي سگهي ڪفارو به نٿو ڏئي سگهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي. (حاڪم)

(درمختار ج 5 ص 527)

﴿13﴾ قسم جي ڪفاري جي قيمت مسجد ۾ صَرف (يعني خرچ) نٿو ڪري سگهي، نه مردي جي ڪفن ۾ لڳائي سگهي ٿو يعني جتي زڪواة خرچ نٿو ڪري سگهي اتي ڪفاري جي قيمت نٿي ڏئي سگهجي. (عالمگيري ج 2 ص 62) (قسم ۽ ڪفاري جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 2 صفحي 298 کان 311 جو مطالعو ضروري آهي)

## ديني يا سماجي اداري کي ڪفاري جي رقم ڏيڻ جو اهم مسئلو

جيڪڏهن ڪنهن ديني يا مسلمانن جي سماجي اداري کي ڪفاري جي رقم ڏيڻ چاهي ته ڏئي سگهي ٿو پر ٻڌائڻو پوندو ته هي ڪفاري جي رقم آهي ته جيئن ان کي الڳ رکي ان کي بيان ڪيل طريقي مطابق ڪم ۾ آڻن يعني هڪ ئي مسڪين کي ڏهن ڏينهن تائين ٻنهي وقتن جو کاڌو کارائن يا ڏهن مسڪينن کي ٻنهي وقت جو کاڌو کارائن وغيره، جيڪڏهن ديني ادارو ديني ڪمن ۾ صرف ڪرڻ چاهي ته حيلي جو طريقو هي آهي مثلاً هڪ ئي مسڪين کي روزانو هڪ صدقهءِ فِطر يا ڏهن مسڪينن کي هڪ ئي ڏينهن ۾ هڪ هڪ صدقهءِ فِطر جو مالڪ بڻايو وڃي ۽ اهو پنهنجي طرفان ديني ڪمن جي لاءِ پيش ڪري.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو. (طبراني)

تُو جھوٹی قَسَم سے بچا یا الٰہی
مجھے سچ کا عادی بنا یا الٰہی!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## واهه ڇا ڳالهه آهي مدني تربيتي ڪورس جي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوڙن قسمن کان توبهه جو جذبو پائڻ، ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻڻ جي عادت ختم ڪرڻ، ضروري ديني معلومات حاصل ڪرڻ، سنّتن تي عمل جي عادت بڻائڻ جي لاءِ ”دعوت اسلامي“ جي مدني ماحول ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪرايو وڃي ٿو، جنهن کان ٿي سگهي اهو هي فائديمند تربيتي ڪورس ضرور ڪري، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي ته هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي علائقي جو هڪ نوجوان جيڪو والدين جو اڪيلو پٽ هو، غلط صحبت جي سبب چرس جو عادي بڻجي ويو، گهر کان ٻاهر رهڻ جو ان جو معمول هو، والد صاحب اڪثر ان کي قبرستان مان چرسين جي وچ مان گهر وٺي ايندا هئا. سڀ گهر وارا ان جي سبب پريشان هئا. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، خوش قسمتي سان ان حامي ڀري ۽ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .** (مسلم)

مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ اچي ويو، سڀ گهر وارا خوش ٿي ويا! سيئي گهر وارا دعا ڪري رهيا ها ته هي نيڪ بڻجي وڃي پر اجا به ڊنل ها ته ڪٿي واپس اچي نه وڃي. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ **ڪجهه** ڏينهن ڪان پوءِ ڪجهه ائين فون آيو ته "تربيتي ڪورس ۾ فيضان مدينه ۾ تمام گهڻو مزو اچي رهيو آهي، فيضان مدينه ۾ ائين لڳي ٿو ته مديني منور زادھا اللهُ شَرَفاً وتَعظِيماً مان سڌو سنئون فيض اچي رهيو آهي مون پنهنجي سڀني گناهن ڪان توبه ڪري ڇڏي آهي هاڻي مان با جماعت نمازون ادا ڪري رهيو آهيان، سنتون سکي رهيو آهيان ۽ مون کي تمام سڪون ملي رهو آهي." **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مدني تربيتي ڪورس مان واپسي تي اهو واقعي بدلجي چڪو هو، ان جي حيرت انگيز تبديلي تي سڀ گهر وارا بلڪ پورو پاڙو حيران هو، چهري تي پُر نور ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز عمامي شريف جو تاج جڳمڳ جڳمڳ ٿي رهيو هو، ان گهر ايندي گهروارن تي انفرادي ڪوشش شروع ڪئي جنهن جي برڪت سان والد صاحب به چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ پابندي سان هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت فرمائڻ لڳو، امڙ سائڻ "درسِ نظامي" ۽ ڀيڻ "شريعت ڪورس" ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويون، ان نوجوان جي والد صاحب مبلغ دعوت اسلامي کي ڪجهه ائين ٻڌايو ته مان دعوت اسلامي وارن جي لاءِ برڪت جي دعا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي . (طبراني)

ڪيان ٿو، خاص ڪري انهن جي لاءِ جنهن منهنجي پٽ تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪئي ۽ 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس ۾ هٿو هٿ وٺي ويا ڇوته اسان ان جي عادتن مان گهڻا پريشان هئاسين، هن جي امڙ ته ايترو بيزار ٿي چڪي هئي جو هڪ ڏينهن جذبات ۾ اچي جيت مار دوا کڻي آئي ته يا مان کائي مري ويندس يا هن کي کارائي ڪري ماري ڇڏيندس، هاڻي ان جي والده روئي روئي دعائون ڏيندي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي وارن کي سلامت رکي انهن جي ڪوشش سان منهنجو بگڙيل پٽ نيڪ بڻجي ويو.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ — تم آجاؤ دیگا سکھا مَدَنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے — نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول (وسائلِ بخشش ص ٦٠٤)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماخذ و مراجع


| کتاب | مطبوعه | کتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرآن پاک | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | ابنِ عساکر | دارالفکر بیروت |
| ترجمۂ کنزالایمان | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | مبسوط | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| تفسیر خازن | مصر | تبیین الحقائق | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| حاشیۃ الصاوی علی الجلالین | دارالفکر بیروت | حاشیۃ الطحطاوی علی الدرالمختار | کوئٹہ |
| تفسیر خزائن العرفان | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | درمختار | دارالمعرفہ بیروت |
| بُخاری | دارالکتب العلمیہ بیروت | جوہرہ نیرہ | باب المدینہ کراچی |
| مسلم | دارابن حزم بیروت | فتاوٰی عالمگیری | دارالفکر بیروت |
| ابوداود | داراحیاء التراث العربی بیروت | فتاوٰی رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| ترمذی | دارالفکر بیروت | مکاشفۃ القلوب | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| نسائی | دارالکتب العلمیہ بیروت | بہارِ شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| شرح صحیح مسلم | دارالکتب العلمیہ بیروت | اتحاف السادہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| مراۃ المناجیح | ضیاء القرآن پبلی کیشنز مرکز الاولیاء لاہور | تذکرۃ الواعظین | پشاور |
| جمع الجوامع | دارالکتب العلمیہ بیروت | وسائل بخشش | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |

